”اسين“ ۽ ”سڪون جنکي“ جي وچ وارو
گمان جي ليو لڪ آهي. اِهو گهڻائيءَ آهي.
ممڪن آهي ته طالب تعصبي دوئيءَ جو آڪار
ڪري. ۽ تعصب مرض آهي جو سوڙهي دل
نشاني آهي. طالب عليل دل وارو سڏبو. ۽ عليل
وارو قبول نه ٿيندو. هو دلين کان ٻه ونو ۽ دنيا
ٻه. روحاني محفل ۾ هو ڪوبه درجو حاصل نٿو ڪري
سگهي. اُلٽي پير هلي، هن اهو فاصلو سوڙهو ڪ
ڪوئي ٻر، اَنانون دل وڏيڪ سوڙهي ڪندو
۽ جنم اَڪيارنو ڪري ڇڏيو. ڪثرت جي سير ميل
ٿي پاڻ پلائي ولنو. وحدت جو پڙلاءُ ڪين ڪوڻ پي
سائين ليڙ اُداس پڇڪڻي نرالي پڻ نگ. هيءُ مض
هن سلسلي بهارڻو آهي.

”ذات کي فنا ناهي.“
”فنا آهي صفات کي.“

"لون" جي "مون" ٻن، "مون" ڇيو،
"ڪڏهن ڪير ٿَري،"
"لون" ٻه اُلٽو ۾ آکيو،
"مون" کي اِئين وري؛
"نه ٻيو 'مون' ۽ 'لون' مَري،
لئه ٻئي سر ڇي ساهيڙيون ٿيون."

يعني هيءَ ساري اُلٽي ساهُرپ جي رشتي بدل آهي. ذات ۽ صفات ڪونهي اوچ نيچ جو درجو نه آهي. نڪو وري ڪو برابريءَ جي درجي جو سوال آهي. ڪي به آهي، ٻه خاطري آئين نه هڪ ٻئي کان سواءِ رهندي ڪانه. خدا ۽ جدا جي وچاندڙ نڪتي نسُوري ناداني جي چار ڦهلائي آهي. واڳا ڪما اُتس راڳا! نڪتي کي اُلٽ پُلٽ ڪرڻ جي جي صحيح ترتيب هٿ اچي وڃي، ته جو جدا آهي سو خدا ٿي سگهي ٿو. يعني صفات جي فاني حالت کي بدلائي ذات جي باقي حالت جو احساس ڪري سگهي ٿو؛ ۽ جڏهن اِها حالت اُٿيو ڪٿي، ته ٻيو جتي سامي سمت سجان چوي، نه آهي جاڳرت صالي ٻيو، اَمر سکهمت سهج سداري، ذات ۾ لِوَ لين ٿي، وحدت واجت اَنهد شبد سڻي ٿو.

" ڪنارو ڪري، ڪناري لي اَڄ،
پاسو ڪري، ڪنڌيءَ لي اَڄ."

ڪهڙي ڪناري؟ ڪهڙيءَ ڪنڌيءَ؟ چيائين
يار، جو وصال جو يار آهي؛ جت سهڻي ساگر سير
وجي ميهار سان ملندي هئي. سُر سسئيءَ ۾ شاهه صا
هن حالت جو ورڻن هن شاعرائي فن ڪيو آهي.

" تون ڪا ڪائي پساهه وڃن ۾ وصال جي،
دوبيائي دُور ڪري، معرفت ملهاءِ."

سسئيءَ انهيءَ گمان ۾ ريءَ دوبيائي دُور ڪ
جو شرط پورو ڪري، معرفت جي حالت جو احسا
ڪيو هو، ۽ انهيءَ موج مستي مکون اي هي
آلاپيو:-

" پنهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
نه اڪي ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچن ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا."

سسئي صفات آهي. پنهون پاڪ ذات. گمان ڪيد
باهر ڪيائين ته سسئيءَ سور سڀ لٿا، ۽ پنهونءَ پن
پاڻي پاڻم پرچي ونئي پاڻ سان.
ٿڌهن، توائي سمت عاجز پرچ " مون - تون " جو
جهڳڙو سهڻيءَ رمز شاعرائي فن هيئن سلجهايو آهي.

" تون " چوي ٿي " مون " کي،
" تون مون ٻن آهين چري."

"نه ڪرڻ وارو، يعني جنهن کي ڦرڻو پيو آهي،
سو پاڻ آهي."

"گيان وارو، يعني جو چوڻو جيڪي ٿيو آهي،
سو ٿئي ها. سو به پاڻ آهي"

"ڀڳتيءَ وارو، يعني جو چوڻو ڪرڻ نه ڪرڻ
سمدس ڪر."

درجي به درجي پاڻ پڙهائيندي ٽيئن جماعتن تائين سقل جيون جي ڪٿي آهي "وجود وڃايو."

"سو به پاڻ" فقرو وڏي معنيٰ رکي ٿو. هن فقري جي ضد ۾ فقرو آهي:

"سڀ ڪجهه مان آهيان" هيءَ غروري دک جو باعث آهي. گرو ارجن ديو پنهنجي پالٺاهي، سکمني صاحب، اشٽپدي ١٢ ۾ سلوڪ اچارڻ ڪيو آهي:-

"جب لگ جاني مجهه ٿي ڪڇ هوءِ،
تب اس ڪؤ سک ناهين ڪوءِ."

"سو به پاڻ" ۽ "مجهه ٿي ڪڇ هوءِ" ٻن ٻن درشٽي ڪوڻ آهن. هن حوالي ۾ نهڪرمي ۽ ڪرمي گڻن جو اڀياس لاڀدائڪ ٿيندو. ڇا؟ نهڪرميءَ جو مطلب اهو آهي ڇا ته انسان اڪرمي ٿي هٿ تي هٿ ڌري ويٺو رهي؟ نه. ٻيهي سلوڪن، نائين ۽ ڏهين پالشاهيءَ جو سار ۽ سائين گيانيءَ جو پر ڀوت "وجود

ٿ

نِهڪرميءَ جو روشن نُور

”چِنتا ننڍڪي ڪِرڻي جو اَنهونيءَ هوءِ،
اِهو مارڳ سنسار ڪو، نانڪ ٻيو نهين ڪوءِ.“
(گرُو تيغ بهاد

شهيد نائين پاتشاهي گرُو تيغ بهادر جن جو سلو
آهي. اِنسان لاءِ آجيون منتر آهي. سائين ڳيانيءَ
سنڌ ولايت سمجهائي ڏني آهي.

”جيڪي ٿئي ها، سو ٿيو آهي.“
”جيڪي ٿيو آهي، سو ٿئي ها.“
”جيڪي نه ڪرڻ سان ٿئي ها، سو ٿيو آهي.“
”جيڪي ڪرڻ سان ٿيو آهي، سو ٿئي ها.“
”ڪرڻ سان به ساڳيو.“
”نه ڪرڻ سان به ساڳيو.“

واهه ڙي! گياني بابا! واهه. بيشڪ پنهجو مت پا
آهين. گيانيءَ جي گيتا آهي. ٻڙولوڪ پستڪ لي بطو
تنهجي، وڏا ڪ هيءَ لکن تا.

”ڪرڻ نه ڪرڻ (نهڪرمي) جو خيال منهجي.“
”ڪرڻ وارو (ڪارڻ). بعدي جنهن ڪيو آهي
سو ڀاڳ آهي.“

ي. بعد ڪرڻ جان جو جوکو آهي. انهن هيءَ
ه دل سان هدايت:-

نکجي جڏهن تون پوڻ حيلا علائي،
انجام نه ڏکا ڏرسي، جا کچي ايالهه آهي.
وڃي نه ني کڏهن کڏهن جي محنت اجائي.
چڏڻ لقدر لي پڻ آهي اُد بير سجائي.

سو جيڪڏهن لوڪي چڱي تون نه ' پيو چارو ن ا
آهي،' نه کو پوڻيءَ جو ٻاب ڪون. تو ٻاڙهجي؛
حقيقت تسليم ڪرڻ جي من مراد؛ جا سياڻپ آهي؛
سک جو سوُدو.

وچائو" تہان هن رهڻ، تہ چڪائين تہ ڪرم ڪر
رَبّ جي رضا لاءِ راهي رهہ. اَشٽپدي ۹ ۾ گُرُو اَر
ديوَ جن فرمائين ٿا:-

"ڪرم ڪرت هووي نہڪرم
لس بشنو ڪا نرمل ڌرم."

يعني نهڪرمي نرمل ڌرمي آهي. نرمل جو
ڪرم. يعني ڪرم جي ارادي ڪرم مطلب، پڪر آهي
ڪرم ڪرڻ کان عار ڪري وهڻ وارو نہ آهي. ليڪ
نتيجي جي باري ۾ نرم رخ وارو آهي. يعني نشڪ
۽ سالڪ ۾ ٿذي سڀني ورلڻ وارو روشن نُورمنش آهي
ٻيو چارو بہ لہ نہ آهي. ڪرڻ سو ڏسڻ آهي. مد
ڏسان وانو لہ مان چا وانو ڪريان. نتيجو مستقبل جو حوا
آهي. سو لہ اڳتي هاڻي ڏسڻو آهي. چا ڏسبو؟ لهڻ
مدار لهڻجي ارد گرد وارُو عمل لاءِ آهي جو عرف لهڻجي
هٿ جو کيل نہ آهي. اَنيڪ ساه ڏاري آهن. سڀئي ڪُ
مَن مرادُون آهن. دنيا ۾ نڪر ڪاٿو آهي، نڪُر
هر موڙ جو لون مالڪ ناهين. آڻهڪري اون بسهجي
طرف جي صفائي ٻُڌڻ رلت ڏي. آڳئي وام جاني
لقدر ۽ تدبير انهي جي ٻيلھ هل. هوني ۽ کي انهوني
ڪرڻ، يا انهوني ۽ کي هوني، سو دم اون نہ هڻ.
ڪاٿي اڪڙو هلي دم جو مرض نہ لڳائي وهين.
انهجي ڳچي ۾ ڳٽ نہ وجهہ. اها وامت دکہ درد جي

"علم کان اڳ، پڙهه رسالو عمل جو.
منھنجو اُٺي ، ٻوڌ ، پيالو عمل جو."

"علم کان اڳ پڙهه رسالو عمل جو." ڇا مطلب!
ي علم ۽ عمل جي ڀيٽ ۾، عمل جو پلڙو وزنائتو
ڙي سمجهڻ گهرجي. عقل ۾ اڪابر جي آهن، لکجي
ڻيءَ ڪٿڻيءَ جو اڀياس ڪر ۽ سبق پڙهه. ٻرق ڏسي
سوچيندو آهين؟ هيءَ ته ڪو ڍونگي ٻڪو پڪي آهي!
ن ٿي ته چوندو آهين. پوءِ ڇو ته ڀنهنجي پيري پاڻ
اليمن، ۽ اهڙي مهن موچڙي کان بچي اڪرلسن.
د عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي هدايت آهي:-
"جيئن جيئن ورق ورائين، ليئن ليئن ڏنو ڏوهه،
رهڻيءَ رهيو نه سچولن، ڪٿڻيءَ ڪبو ڪوهه."
علمي زور رهڻيءَ لئي آهي. ڪٿڻيءَ لئي نه. چاڪاڻ
ه جيئن ٻوڌ درويش فرمايو آهي:

سمورو علم هو پڙهيءَ جي سواءِ
ڏٺم جڏهن جاچي جمالو عمل جو"

ڇا مطلب؟ "جمالو عمل جو!" جي هان. ٿو چئو.
ن سوچيو ٿون پڙهيل آهين. مان سادارڻ آدمي
يان. منهنجو لاچار آهي. اِمي آهي. پر آدرش
وٽي اُٺس. سندس رهڻي مارڳ، روشن آهي. ٿو
يو. پر تو نه هيڪلو. تون بدنام آهين. عرفتباز آهي،
ر فتباز! پاسو ڪري هلو س. منهنجو علم پڙهيءَ جي

ٿ

علم عمل جو ويچُور

" علم کان اڳ، پڙهه رسالو عمل جو "

(ب

سائين ٽيڪرداس جا نسخا ٿي نوان. علم ڄاڻڻ جـ
قول آهي " پڙهڻ، ڳڙهڻ ۽ ترڻ." پر سائين
گفتو نرالو آهي. اکر اوڙائي ٿي آهن. پر رمز نـ
آهي. " ڇوڙ - سمجهڻ - ٻيڻ." علم ۽ عمل جي
پڙهڻ لاء، هن ٽـ اکري جدول جو مطلب آهي
ڳالهائڻ کان اڳمي سوچ. شبد پاڻ اهي. ڪمان م
چِلي تير جيان آهي جو وري واپس نه ايندو آهي
زبان مان نڪتل حرف به واپس نه ايندو آهي. اهو
ڪارڻ آهي جو چوندا آهن ته " اهائي زبان آس
وهاري ۽ اهائي زبان ڇاتو به وهاري " حاصل مطلب
ته ڇپي ڇيٽي ڇڏ، ۽ ٻيڪي کي ڇڏين سو دل سا
هلڻ، جنن لهجي زندگي لنهجي ولهوار ذارا جـ
سهٽو سدر نقش پٽجي اين لاء آدرش مثال ٿئي
سائين پوترا ج جن جي ڪولا آهي، " رسالو عمل جو.
نصيحت آميز ڪولا آهي. شروعاتي پروچن آهن:

قطب شاهي، سائين رو چلداس، ڊاڪٽر، جن ننڍي
ڏي جو فرق سمجهائي هيءَ هڪ سدر نصيحت ڀريل
بس چيو آهي :-

"وڏو آهين ته پيار ڪر.
ننڍو آهين ته نياز ڪر."

نياز ۽ پيار هڪ ٻئي جا ٻالڪ ڀيلي اکر آهن. علم
۽ عمل جي حوالي ۾ ادب جا ٻئي شريڪ شبد آهن.
انگلستان جي مهان ڪوي، لارڊ ٽينيسن، پڻ انهيءَ
وصف لاءِ زور ڏنو آهي، ته علم کان سرس انسان ۾
نمرتا ۽ ادب جو گڻ هئڻ گهرجي.

اکر سادا آهن. پر سُجان آهن. جيڪڏهن علم ۾
اڪابر آهين، پر نهڪرهان آهين ته تو پنهنجو علم مٽيءَ
سان ملائي ڇڏيو. تنهن کان ته اڻ پڙهيل هجين ها ته صد بار
بهتر. ڪو ڏوهه ته نه ڏئي ني ها. مور ڪي معيار ناهه ڪاه

ٻڌايو نه ڇا، پر ٽون پاڻ جو پهلو سمجهيو وڃين ٿو
پل لوڪان لڪجي، لوڪن مٿهن لئي ڪجھ نه ڇڏي.
ٿي دل ۾ لوڪي بد دعا ڏيندو. جي هان. خوشامند ڪ
نه ملڪ ۾ ڪوم ڪالهي. جڏهن اهي لوڪي وڪ
وهن، ۽ مٿرا مٿرا سر آلاپين ان ڏهن هي ۽ وڃن ڀاد
" لوڪ پتمٿين ڪڇو نه هووي، ناهين رام
لـون ڇاڙ هولدي الٽي رمز هلينٿو. آخـرت ۾
۽ ان ڪ قوٺ ڪم ۾ ايندو.

سائين گياني جي گفتي جو پهرون اکر "نرت" آ
عام گفتي جو اکر آهي "نرت". انهن ٻن اکرن
آهي. "نيرت" برابر "ڪرهت" جي آهي،
عقلمند ۽ علمند ٻئي آهين. جيڪي پڙهيو آهين
دل سان هندايو ۽ اٿيئي. جنهن لاءِ لسمهٽو عام
وهنوار شاهد آهي. پر جيڪڏهن لـون نمرلتا پو
پيش نٿو اچين ان پرو ڇٽيو نه تون "نرلو" ناهي
اپماني آهين. نه پوءِ ڇٽيو ن. لمهجي عمل جو پيالو
نه آهي. ڪرڙو آهي. تي سکهيٿو، نه ڳياني د روه
"نرت" اکر کي وسيع معنائي ڏني هجي ۽ مٽهس ڪرها
۽ "نرت" ٻنهي جي پاونا پري هجي. نرت جو مه
سائين گياني نظراندار لٿو ڪري سکهي. ۽ سچ ٻ
اهوتي آهي. جمالو عمل جو نشان ۽ اهو شخص آه
جو نرمل هئي سيتل سڀاو جو آهي، ۽ لئدي خواه ون
سان هست جوڙ جو رستو هليٿو.

ڄون تان ته جڏهن ستگر پنهنجي مرضي راضي نٿي. پر
هو مدار طالب لئي آهي. پورڻ شيوا ڪري ستگر
جي سنگ مان لاڀ پرائي سگهبو. گروءَ نانڪ
پنهنجي جون جو ته فرمان آهي ته گروءَ ڪرڻ ضروري آهي.

” ڪهه نانڪ نهچئه ڌياوي
وڻ ستگر واٽ نه پاوي.

هن ڏس ۾ قرآن شريف جي آيت وڌيڪ وزندار آهي :-
” من لا شيخ له فشيخه الشيطان.“

جنهن جو ڪو شيخ يعني سچو سالڪ نه آهي، اُنهيءَ وارو شيطان جي هٿ ۾ آهي. شاهه صاحب جن ... بيت ۾ اها آيت هن رمز ڪري آندي آهي :-

” ذوق دل کان دور ڪري ڪرسي جن صفائي.
من لا شيخ له فشيخه الشيطان، ان ريءَ اونداهي“

۽ اهڙي ڪارڻ هو جو ورتڪار ۾ مجهيل سنتيءَ کي سگوري شاهه هدايت ڪئي ته هو انهن پير ڪري وڃي ته انهن سر جهڪاءَ جن اهو پند ڪيو هجي. يعني وڃي ڪو ڪامل مرشد ڪر.

حاصل مطلب ته گروءَ بنا گت ناهي. پر سائين لير ڏاس جن انهن ضد نشا ڪن. سارو برهماڻ خيال ني بدل آهي. خيال ڏوارانون ڀيءَ باطني ۽ ظاهري. سائنس ڪياني جن عروج ۽ نزول - اندر ۽ ٻاهر - الله

سنگر مهما

"سنگر جهڙو شاهه، ڪوله ڏنو ٻين ڪاٿهين،
هرچي ڏنو جنهن ٻروالي، آهم ڏن آڌاهه،
نڪي ٻڇائين جات پات، نڪي ٻڇائين راهه،
ڪري من اڇاهه، سامي ڇڏيائين ڇن ۾"

سامي سنت سڄان جو اُپديش آهي ته جي چاهه
نه من ۾ سائين سگهوري لاءِ چاهه پيدا ٿئي ته پوءِ، پيار
من اَڇاهه حالت ۾ رکي. من جو چاهه اهي خوديءَ ج
خوراڪ. ۽ جتي خودي آهي اُت خدا نه رهند
سوامي مياڻ مشابهت آهي. مياڻ ۾ هڪ ڪاتي مائ
سگهندي. ٻن جي جاءِ نه آهي. فيصلو توهان ڇڏ
آهي. چاڪون، جو سوامي سمجهيو آهي. خودي ۽ خد
ٻه ٽوڪ آهن. اَهڙي طرح آهم ڏن ۽ ماما موه ٻه ٻ
ٽوڪ آهن. سيد عبدالڪريم درويش جو پڻ چوڻ آهي

"پسيوران ٻه ٽوڪ ڪنهن نه ڏٺا پاڻ سين
هڪ سڪڻ سپرين ڪي، ٻيو لاڳاپو سين لوڪ"

پر جنهن دڳ هلي، لوڪ لاڳاپا لاهي، سڪ سچ
جي وڏائي سگهجي، سو دڳ لڳائي ڪهڙ؟ سامي ج

ل جو خيال ئي ضابطو پنهنجي اچا مرتب ڪرڻ.
ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جي لاءِ چونڊ. "اڀياس ڪرڻ
سمي اڀياسيءَ کي ڪئين هلڻ گهرجي وغيره لاءِ
ڙه جي رهبريءَ جي ضرورت آهي. ڪيتريءَ قدر
خود جگياسُو محسوس ڪري سگهندو."

گروُ ۽ شش جي سمبند بابت سائين ليرتداس خلاصو
جهه ڪون چيو آهي. پر هي ٽي اٺو سدن اڪمل
ن، قوُل - عقيدو - عمل. هيءَ ٽئي اڪري هن حوالي
ٽي معنيٰ رکيتي. سدن مراد اها ئي ڏسڻ، اچي له
ڏهن گرو ڪرڻو آهي ته گروُ ۾ عقيدو يعني سمپوُرڻ
وشواس هئڻ ضروري آهي. وشواس هجڻ آدمي مُرادي
ڻ جي لياقت نئو رکي. گروُءَ جا قوُل يعني وچن هڏي
سان هميشه آهن، ۽ پنهنجي رهنيءَ ۾ ڪرا اُٿارڻا
هن. گروُءَ جي شش قدمن ۾ هلڻو آهي. جي گروُءَ
لاڳت لاهي، ته وشواس بدا ۾ اپت نه آهي. وشواس
ي ڀاونا ڇا ٿيندي آهي، ۽ اپت جي مراد ڇا آهي
هن حوالي ۾ وهدوادي سنت سامي جو اپدلش آهي:-

"نيڪيو جهن ستو سنڪروُ اُٻون سڪه ٽي،
سهنجي تنهن شيوڪ جو سنسو دکه لٿو."

وشواس جي حوالي ۾ 'سڪه' شبد معنيٰ رکيئو.
سڪه معنيٰ شيوڪ. سڪه معنيٰ ٻراءِ عقل سڪه. يعني
عمل ڪر. شيوڪ ۽ سڪه ابرابر جا اڪر ٽنهن مهيا

۽ ھو ھو شبدُ استعمال ڪيا آھن. واھن شڪتيءَ ھ
آھي جا آھي انسان جي ٻُڌيءَ، يعني اندر جي سوجھ
اُنتھ ڪرڻ. سائين گيانيءَ جو ٻرھوڻ آھي ته جي انس
چاھي ٿو. سدس جيوَن سدا مُند بھار ھجي ته اُن ڪ
واھن شڪتيءَ جو وڪاس اھڙيءَ طرز ڪرڻ گھرج
جنھن نزول عروج جي اشاري ھلي، تان جو اُن ج
زندگي صرف روحاني راز جوئي اظھار ڪري. لو
لھوارو ويندو آھي. لھواري وھڪ وھڻ، سولو آھي
ٻر طالب کي اوڀارو وھڻ گھرجي. يعني لوڪ وڃ
ذڪڻ ته طالب ڪاھي اُلر لاھي ۽ چاڙھيءَ جو حساب
آھي جو شاھ صاحب نديءَ ٻر پساٽيءَ جي وھڪ ج
حوالو ونئي ۽ سمجھايو آھي ته خيال ۽ خيال لي ضابط
جا ٿيندو آھي. جڏھن ساري خيال جي ڪيڏ آھي ته
انھن چوڻ ھڪ سمجھاڻيءَ مثل ٿيندو ته:-

خيال ڪي ڪر يار! خيال سان قتلام،
طالب تان سٽي، جيوَن سُر ست نام.

جيوَن سُر، سائين گيانيءَ جن جو رچيل شبد آھي،
شاھد آنھد شبد جي بدلي ۾ ڪم آندو اٿن. ھوَرن
اُپياس ڪان سواءِ، ھين سُرن کان ڪنارو ڪري، صرف
جيوَن سُر سُرڻ ڪرڻ ناممڪن آھي. اھڙي اُپياس
کي سائين گياني ”ڦيرڻ، قائم رکڻ ۽ رد ڪرڻ ڪراڻ
لي ضابطو حاصل ڪرڻ جي شڪتي چون ٿا. يعني

چا نه مام، پرواه، آهي! آستڪ آهين! ڪفر پوائين ٿو!
ڪمع ناهي. الٽيءَ ڪ سُڌيءَ راه سڄاڳ نہ آهن.
ي ڪٽي ٿيو. پر اندر ۾ هاڃل نہ آهي. وقت الله و
ھن ائا سجاڳ ورتي لوڪي حقيقي جوت جو احساس
وانيندي. يعني روحاني راه لي ڪفر به طريقت ۾
ار آهي. ماڃي پانڪ شريعت پاد ڏاري ٿي. الٽي
ي اُنڪي رهيا سي مونا مجوُ. اهي ٽرڪي وجي
ـکهتا. پر جهن اول ۾ ڪفرڪاني پالي ۽ پوءِ
وهياڻي دُور ڪئي، سو برابر از خود پڪي ارادي،
ھي، خوشي، اَنہ دواسہ اليو، پسڪ ٿيو آهي. هيءَ نہ
ڪندو. هن مجبو آهي. هڪي مڃاڻو نہ وڻو آهي:
ھن ڳالھ وڏو فرق آهي. هڪڙو سڄو دُور ٿي ولو
ھي، ۽ پنھنجيءَ مڃتا مونِي ماڳ آيو آهي. پنھنجو
ط مان پندا ڪيل ٿئين جو هيءُ بوجاري آهي. اُشرڌا
ان شرڌالو بڻيو آهي. اُن شرڌالوُ نہ آهي. ٻئو
ئيوڪ پنھنجي واڳ واحد جي سپرد ڪري پيا پيو
ولي سنسار ۾ ورتي ٿو. هڪي هاڻي سڄو برهم
ود پارٽي پا اسلام ڪلمو گرہ تسليم ڪري سگهجيتو.

سائين ليرنداس جن پاڻ جنهن وجھ مرشدي حاصل
ڪئي سا ڪتا ڪهن نرالي روحاني حساب ڪتاب جو
پرماڻ پتر آهي. عجيب ڪهاڻي آهي. مرشد ڪرڻ
جي من مراد گهران سهي سنپري ڪرڻ لڪتا هئا.

ويندا جڏهن شيوڪ ۾ سکڻ جي ڀاونا هوند
سکڻ جي مراد جيڪڏهن گروءَ در وڃبو نه هجنا
ڀاونا اڀرين پيندي ۽ گروءَ جي بدل قول لئي
ڪرڻ جو چاهه ٿيندو. ٻہ ننڍيون، اُپت ٿيندي، سمب
ٻه ۾ نُوس، جو دک جو ڪارڻ آهي، لڇڻ کان ڇوٽڪ
پائڻ. جڏهن شيوڪ مجبور اُڀيان ٻوڙان لڇڻي ڦٻو
پوندو. گرو رامداس، چوٿين پاتشاهي، پڻ هڪ سد
سلوڪ، هن بارَي ۾ چيو آهي.

" آپ گواءِ سيوا ڪري، تا ڪِڇ پائي مانُ.
حرمت لسو اڳلي، او وجهه پيہ دوٽا پاءِ.
ممي ڪري برابري، ڦر غيرت اندر پاءِ.
وَجهه گوائي اڳلا، مهي مهه پاٽا کاءِ."

لعني هليو آهين گرو ڪرڻ، ۽ پٽ پنڌي اڳي
گروءَ جي پرک لهڻ، ان ٻوءِ لمهدا ۾ ڀيڙا پار ٿيا
لعني نہ ٿيندا. اڱندو اڳلي روحاني ميڙي چوندي ب
کوهي وهندين. ٻو جي وشواس رکندين ان ٻڌيءَ ج
مٽا ٿيندا.

هڪ ٻيو ٻہ درشٽي ڪرڻ آهي جو آهي، ڪف
لعني اوشواس، جي اهميت. ڀڳت ساٿين سر مت ج
فرمودو ڇا ٻر هڪ انقلابي اعلان آهي تہ :-

" اَوّل ڪفر، پوءِ مجرڻ، پوءِ مجهه اسلام.
مُلا سوجهڻ ڪين ڪي، اون مجبون جي نام."

آدمي بينظير

"اَنيِ ڀري اَسِ ڪنهن ناوان ڪنهن سرلو"
گروُ گرنٿ صاحب

اَسِ ڀير ڏن رات سمهوُ رهيا. هڪ هڪ پهر هڪ
ڪ ڪنهن. ۽ پهلا لسائين ڪنهن سرلو لاء ڪهڙو ڀير رهيو!
يانين اهو ڪنهن وقت جي پائبنديءَ کان مٿي آهي.
ائين سمجهه لاء ائيءَ ڪنهن ٻ سڀ ڪهڙ سمائيل آهن.
صاحب جن جي واڻي آهي:-

"ڪاڻيا اَندر سڀ ڪجهه، وسڻ ڪنهن مطول پاڻالا.
اس ڪاڻيا اَندر، لڳ ڪنهن پرنمي، هاڻ پٽيل پاڄارا"

سرلو جي اَپما آهي. آدمي بينظير آهي. ڪاڪ
تلو پاڪ شڪتيءَ جو پهار آهي. روحاني ڏل، آلهڪ
ڪاس جي ڪاپهنا ڪندي، سچل سرمست هيءَ
ڪلام چيو آهي.

"حڏسن وهي هرڪو، لاحد وهي پير
سچوُ سوفير، جو حد لاحد لنگهي وڃي."

ليڪن "آدمي سي فقير هوائي هين." ۽ هيءَ
مر جوائي ڪتا آدميءَ جي آهي.

موقعو ڏنائي، دوستن جي سنگ ۾ سچل سائينءَ جي
درگاهه دراز ڏي روانا ٿيا. ٻٽرامٽر صاحب پنهنجي
نازنخري ۾ پورا هئا. پر سائين سچيءَ پرکي ورتو
نظر نهال ڪري ڇڏيائون. سوامي وويڪانند جي
آهڙائي ڪٿا آهي. هو ڪو، سوامي رام ڪرش
پرم هنس کي گرو ڪرڻ لاءِ وڃن ڪونه ويا هئا. پيو
جيڪو سو من ۾ شڪا ڌاري ويا هئا. پر مهر جو هٿ
مٿن ڦيرو، ۽ ڇا مان چائي پيو.

هيءَ ٿورو ئي اڳ جي ڪٿا آهي. سائين آير ڏنداس
آٺين سالين جا هئا، جو سندن پوڄ پتا کين ٿني لڳ
ڪراچيءَ پرسان ٿائي لڇمڻداس جي دربار ۾ وٺي
ويا هئا. ٻيڄ وانسي ٿار ٿري ڪان ٿي پڊرو. سا وصف ڀائي
صاحب جي اٿيءَ ڪي جهانڀي ورتي. اڏهن گهر ڪيائو
۽ بالڪ دربار صاحب کي سونپي ڏنو. ڀائي مڱهن
انڪار ڪيو. انڪار جو سوال ڪو نهي. وقت تيار
هو. وقت بادشاهه آهي. رمز پنهنجي هلندو آهي
جڏهن گهڙي آئي ته ڪڏهن نه جهليا ڪڏهن نه پليا
مرندي ڀائي ڏهر ويا. هڪ مثال ٿي پيا هن ٿڪين جو ته

ٻيڄ نه پورب ديس جا، تا جڏهن پڇا ڪن،
هڪ نه هلي ٿي سچ! ڇڪيو تا پرين پنهنجو ڪن،
همت ٻڌي ادب جا، لڳي آهيان تن سرن،
شل نه سي وسرن، نظر جنهين نوازي آهيان.

ندو صحو پوءِ فنا - سُڪر ۽ آخر ۾ دلال. چار درجا،
ر منزلون ۽ شريعت - طريقت - حقيقت ۽ معرفت.
تبدي شريعت جي پالنا طالب کي هن طريقي جي
وُجهه پهچي ٿي وڃي ته جي لون اڳتي وڌڻ جو چاهه
کڻندو ته پوءِ پاڻ کي وڃڻ فنا سمجهي. اهڙيءَ ٻُڌي
اصل ڪيل طالب سڪر يعني چپ جي حالت ۾ ٿي
هڻ پسند ڪندو، جنهن ڪري حق جي حاصلات ٿئي.
طالب حيرت جي حالت آهي فنا آهيان. پر اُهو پڌ جو
ته اڃان پورو احساس ڪونه ٿيو آهي. هو هاڻ چڻڪ
عرابو دربار جي دروازي لي بيٺو آهي. هڪ پير
باهر ۽ هڪ پير چانئٺ جي اندر. احساس ڪندي،
ڙو ٿي قدم اڳتي وڌي ته ڪيس روشنيءَ جو احساس
ٿيندو. جا حالت دلال يعني روشنيءَ جي آهي. جنهن
کي معرفت چئبو آهي. هن حالت طالب جڏانهن ڪري
پوڪ، ليڏانهن صاحب ڏسي ٿو سامهون:
هيءَ اها حالت آهي جنهن ۾ طالب، سرواڻا طلب
ڪان فارغ ٿي، اناالحق جي نعري هڻڻ کان مجبور ٿئي
پوندو آهي. اهڙي حالت رهندي، جيڪڏهن ڪو
طالبُ انسان ڪانئس سوال ڪري وڃي ته سائين سڀاجها
مهر ڪري شريعت طريقت ۽ معرفت وشيءَ لي ڪا
روشني وجهندا، ته هو درويش موج مستيءَ اندر
اَڏيون اَڌ پڪڙاون ۽ چپ پڪوڙيل جواب ڏيندو
„ڪُفر!" نه، ته ڪي اهي منزلون ڪفر آهن. پر هن

هن اعليٰ درجي جي زيارت لاءِ جن حالتن مان طالب کي لنگهڻو پوندو آهي تن جو ذڪر سائين لعل ڏنداس جن ڪيو آهي. حالتون ٻن ٽولين ۾ ورهايون اٿن. ١- صحو ۽ سُڪر (سڪر) - ٢- فنا، سڪر، دلال. صحو ۽ سکر حالت لاءِ سائين جن سادا اکر هوش ۽ بيهوش ڪم ۾ آندا آهن. باقي فنا ۽ دلال حالت لاءِ ڪجهه ٻه ڪونه لکيو اٿن.

صحو ۽ سڪر حالت جي مراد آهي ته طالب شروعاتي قدم هوش ۾ رهيٿو. انهن سمجهي ته هو شريعت جي نيمن جي پابندي کان واقف آهي ۽ انهوجب پيروي ڪريٿو. پوءِ جڏهن انهيءَ اَبياس ڪندي روحاني چڪ لڳيس ٿي ته هو هوش وڃائي ٿو وهي. معنيٰ ته هو مادي ۾ اَڇي ٿو وڃي. جئن شاهه صاحب جن چوڻتا لَهن لي لُعاب لڳي ٿو وڃيس. يعني ڪونشر چڪيل پٽي چهن چڙهي ٿي وڃيس. سکر لفظ جي حرفي معنيٰ ته اماڻي آهي. سُ + کر (ڪر) = سُن + کردن (ڪردن) معنيٰ ڪرڻ. يعني چپ ڪرڻ. پر انهيءَ حالتم سدائين نٿو رهي سگهي الڏو اَبياس نه اَٿس. لهڏڪري وري صحو يعني هوش جي حالت ۾ اَچي ٿو وڃي. اهو درجو ٿيو صحو- سکر- صحو جو.

اَبياس ڪندي ڪندي، طالب اُن درجي پهچيٿو جت صحو جي حالت ٻي معنيٰ ٿي پوي. هو شريعت جي درجي کان پار نڪري ويو آهي. هن جو اَبياس هاڻ هن قطار شمار آهي؛ فنا- سکر- دلال. يعني هڪ ٽيءَ، جي اَبياس جو سلسلو پهارجي ته پهريون درجو

وصل فنا جي حالت ۾ اچي وڃي. طلب جا اڻيندي
ي، ۽ طالب جي مقابلي مطلوب جي هستي ڪڍي
اوچ ٿيندي آهي، سا حالت محسوس ڪرڻ لڳي.
اڻ پهچي وڃڻ طريقو آهي حقيقت جي ڄاڻ حاصل
ڪرڻ. هيءَ انتظار جي حالت آهي جا سُڪر جي حالت
ي برابر آهي. پيار ڀري دل پنهن ڪان گوشو ڪري،
ب ۾ رهندي آهي مجازي ڪهاڻيءَ جي سلسلي موصل
ي راڻو ملهو ٻو وهاڻي وڃي جو انتظار جي گهڙيءَ جو
ر نباڻي نه سگهي ۽ وصل ڪي راڻي جو لباس پهرائي
يج سمهي پيئي. راڻو آيو. اٿي وسر ڏسي رسي
ايو. انتظار ۾ جو لطف ٿيندو آهي سو نه وڃو ملائي.
اڻ وصل جدائيءَ جي ضرب زير اچي وڃي. هاڻ
وج ۾ نڪتي، حق ورې هٿ ڪرڻ لاءِ.

حق جي اُولا دوران، طالب جون ڪرم اندرون،
سڻ، ٻولڻ، ٻڌڻ ڦري گيان اندرون ٿي ٻوندون
هن. يعني ڏسڻ، ٻولڻ، ٻڌڻ سڀ اندر ٿي اندر پاڻ
سان ٿيندو آهي. ٿڏهن طالب جي دل ڪجهه غيبي
شيد سرڏن ڪرڻ محسوس ڪندي آهي. وصل انهيءَ
حالت ۾ آهي ۽ چوڻي :-

”ٿڻون نيائو آئو، راڻي مُلّان راس.“

ٿيائو چما ٿيندو آهي! روشنيءَ جو احساس ٿيندو
آهي. شُهدي صورت ڪالي نظر ڪانه اچي. ليڪن

حالت ۾ جا دلال جي حالت آهي تنهن وقت انهيءَ سوال
جواب ڏيڻ ڪفر جي ٻولي ٻولڻ آهي.

سائين ٽيئونداس جن پنهنجي سياءُ وس آسي ڪري
خالي پني تي لکيو آهي، ڪفر شريعت - ڪفر طريقت
ڪفر حقيقت - ڪفر معرفت. وڌيڪ احوال ڪونهي.
مصدن ايياس جو اهڙي نوسگ هوندو هو. در حقيقت
نيندو ۽ انين آهي ته جت چوڻ ڏسڻ ٻي اڳل هوندي
آهي اُت ٻولڻ تمام گهٽ ٿيندو آهي. عمل ڪرڻ
جي مشغولي زياده، ۽ بيان ڪرڻ جي فرصت ڏهت
هوندي آهي.

شاه عبداللطيف جو سر مومل - رانو هن ايياس جو
ڪولا پاڻ آهي. شريعت جي درجي جو احساس مُومل
جي مجازي طبع مان محسوس ٿئي ٿو. هن کي مجاز آهي.
واه جو بيت آهي جنهن ۾ شاه صاحب مُومل جي مجاز جو
چٽر چٽيو آهي!

"مُومل ماري مير، آهيڙن کي آڪري.
سوٽيءَ گهڻا سڪائيا، پڙهيا، ٻڏت پير،
هڻي ليکي ليئر، مٽيو جن مٿن ۾."

ٻر وقت آيو جڏهن مُومل ميندرو ڏسي پنهنجو پاڻ
ٻُڌجي وئي. شاه صاحب جن چوندا :-

"گجر گهڻا گهائيا، پاڻا لڳس ٻهاءُ
ميندري مٿاءُ، لڳس ڪانَ ڪهار ۾."

ديدار

ديدار ھوءِ جي دوست جن،
ھُوند بهشت گهوريان مٿان تِن.

مان ڪين ھلندس.
پر فقير سائين! ھيءَ قدرت جو نيم آھي.
ھوندو. لڏهجي سر بلا.
سرلبر ناسوت آھي. چرلو ڇڏڻو ئي آھي.
ھوندو. پر ھن سرلبر ۾ آسان رب سڳوري جو
يدار ڪيو آھي، سو ڪئن ڇڏجو! مونکي ڪفر جو
ات نہ پڙھاءِ.
فقير سائين! قدرت جي آڏو اچڻ ڪفر آھي.
ر جي ڪفر ڪندي رب ملي تہ ڪفر بہ ذڪر آھي.
فقير سائين! اڄ ھن مان توھانکي رب جو واسطو وجھي
عرض ڪريان ٿو تہ توھان رب جو سڏ اوناھو؟ ھلو.
تہ ھل سڄڻ! رب پاڪ جي اسم تان صد قربان
بندو حاضر آھي.
رات جو وقت ھو. سائين ليرتداس مهراج چيلي
ڪي ساڻ ڪري ھواخوريءَ لاءِ نڪتا ھئا. ھلندي

چانڊيءَ چمڪ ڇانيل ٻَٽَ ٿئي ٻٽ لطر انڌا آهن. سا حالت وِصل جي هئي. چوائي :-

” ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ ڇوڙس ڇِتائو.
راتو ۽ راتسو، رءِ راتي ٻيو نساهه ڪو. “

طالب هاڻ عارف آهي. هيءَ دلال جي حالت آهي. فنا ۽ بقا جي حالت حاصل ڪري. دنيا فاني آهي. سرلمر جڏتو آهي. پر عارف جيئين ساهه سرلمر ۾ انس، انهيءَ فنا ۽ بقا اَمر جوت جو جمال ماڻي ٿو ۽ هڪ ٿي لنڊلار سُر آلاپي ٿو:-

” ڪانهي ٻي لدوار، ٻيو مڙلو ٿي ميمتِ رو. “

آخر ۾، جڏهن پراڻ پکيڙو پرواز ڪري ويندو، تڏهن جوت ۾ جوت سمائجي ويندي ۽ فاني سرلر اَمر ڪهاڻيءَ جو راز ڪولي ٿو:-

ڪٿ برهمٿ الڪو جانو،
سَرب ڪلا الهه سرلر ڄاڻو.

مسلماني عقيدو آهي ته مَيّت کان، ملڪ الموت جا ٻه فرشتا، مُنڪر ۽ نڪير، قبر دفن ٿيڻ بعد، هيءُ ٽي سوال پڇندا آهن.

١- تنهنجو الله ڪير آهي؟

٢- تنهنجو نبي ڪهڙو آهي؟

٣- تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟

سوالن جي جوابن تي منحصر آهي، ته ميت بهشت جو حقدار آهي، يا دوزخ جو عذاب ڪيو وڃي. پر جن اکين الاهي عشق ڪاڻ پاڳل آهي، سي نظر ڦيري ويندئون آهن. عاشق ڪهڙي ڪاڻ جو هنن سوالن جواب ڏيڻ لاءِ منتظر رهي. سهڻي ۽ سسئي جي ڪهاڻين جي ذريعي شاهه صاحب هن عقيدي جو اظهار ڪن ٿا، ۽ تنهن مثالي عاشق جي حالت بيان ڪن ٿا ته ڪنهن عاشق جو من ڪنهن ٻي مستيءَ ۾ گهايل آهي جو هو بهشت جي به پرواهه نه ڪري. پيغمبر صلعم کان طالبن پڇيو هو ته "بهشت کان مٿي به ڪي آهي؟" ته جواب ۾ فرمايائون، "خدا جو ديدار." شاهه صاحب پنهنجي شاعراڻي فن ۾ هيءُ فرق، بهشت ۽ ديدار جو سمجهايو آهي.

"ٻيءَ مَ طهورا، وانءُ اورانگهي اوريان،
وڃان جي وصال کي، سي سڀ اجورا،
حاصل حضورا، سڀ جي سڀ لٿي."

سر بلاول.

هيٺ ڏي اُلي اَچي نڪتا جنت کي ٻوٽن پاڻي مهرُ ڪيو ٻڌيتا هئا. هڪ سائين لوڪ هو جو زمين مٿي لمو ٿيو سُتو پيو هو ۽ دم ڏيڻ لڳي هو. اِهو نظارو ڏسي سائين امر لداس مهراج کي ٻڌايو ته. فقير سائين ۽ ملڪ الموت جي وچ ۾ گفتگو هلي رهي هئي.

فقيرن جا ٻول آهن. فقير جاڻن. پر هيءَ هڪ نرالي روحاني ڳالهه آهي. سرلر جي مهمان نه هر درويش ڳالهائيندو آهي. "من مندر، تن مست قلندر، ڪهت ٿي ليوت ناوان." هيءَ وائي گروُ گرنت صاحب ۾ لکي چڙهيل آهي. سرسهڻيءَ ۾ شاهه صاحب سهڻيءَ جي صورت موت جي فرشتن کي چون ٿا ته مهنجو مهن ميهار يار ڏانهن آهي، تنهنڪري توهان جي ڳالهين ۾ مونکي دلچسپي ڪين ڪا آهي. سائين ڳالهه سچي ٿي ڪري. موت جا فرشتا ڏسي اُنهن کان، پڇي ٿي ته توهان پنهنجون ڏنو ۽ مونکي تنهن سچ کو ڏس ڏيو. يعني موت وقت به طالبن کي مطلوب ياد آهي.

پر تنهن ڪارڻ موت کان نٽجي ڀڄڻ نه. هن ناسوت سرلر ۾ موت اَمر آلما پالي آهي تنهنڪري مان چولو نه ڇڏيندس، سا رمز وڏي پهچ وارن جي آهي. ڪو ترالو راز تنا ٻرلين ؟ جو آهي ته درويشن جي وس آهي ته پنهنجيءَ اِڇا سرلر اياڳين. موت سندن وس ۾ آهي. پاڻ موت جي وس نه آهن.

پردا نشين

بابا! واپس موٽي آيا.

ها پٽ. درويش دُور نه آهن ٿي ڪونه. الي ٿي
لاقات ٿي وئي.

پر بابا! وٺا به ڪڏهن ورنا.

پٽ، اِها حقيقي عشق جي ڪلابازي آهي.

ڇا مطلب بابا. مون سمجهيو ٿي ڪونه.

پٽ ڳاڏي ڇڏي وئي. نراس نظر ڪٽي ڪوچوان
ائين نهاريم نه صورت ۾ سائين سخي پالسر. مهان ٿي
ڪ هئن. ڇاڪاڻ انهن ٿي ڇيانون نه مان هردم لوسان
هيان. ڇا ڪون ٿو هلاڪي ڪري درگاهه دراز وڃن؟

بابا! اسرار آهي!

ها پٽ. پر ان لاءِ جي انهيءَ بد نه پهتا آهن.

سپتري چندرا، سهاڳڻ ڀاڳڻ، ڀيڻ ساولڙي،
ر ڳواسڻ، بيمار هئي. چندرا لئهن رات سندس ڪمري
سار سنڀال لاءِ ستي هئي. ڇا ڏسي نه سائين سخي
اولڙيءَ کي ڪاهي پاڻي ڪٽيو پيا وڃن. ان ڏنهن اندر
اولڙي چل بسي. سائين سخيءَ سنڀالي ورتي.

چندرا ڏيءَ نئين، ڀار نه ٿيون. پٽر سمتان اڇان

طهُورا، بهشت جو شراب، نہ بطور انعام ٿيو. يعني شُڪرم جو سُقل. سو مشاهدو نہ نہ ٿيو. سا سؤدي بازي آهي. سرلهر ڪ سڪہ جي لمڊا آهي. جي همت نہ، نہ هُت. هو ڏاڍهن "طمع ڇڏ لمار" فقيرن جو شان نشان آهي. لنهڪري جيڪڏهن ڪوئي حضُور جي وصال حاصل ڪرڻ جو چاهہ آهي نہ طهُورا جي بہ طمع ڇڏ.

سائين ليرڻداس جي فقيرَ جنهن دم ڏنو پيٺي لسن دوست جو ديدار ڪيو پيٺي. ملڪ الموت سمدن پائي ٻڌو پيو هو. هيءَ پهچ جا علحدا درجا آهن، جي سائين لوڪ ڪٿي سمجهن. بين ڏاج ناہ ڪا. جي پهتا، سي وري نہ ورڻا. جي ورنا، نہ اَلائي ڪهڙي مورت ڪهڙي صورت پائي جنم ورتو. لسہ پوءِ ڪفر ذڪر جي شاهدي پري ڪير؟ ٻڌو انمان، هيئن ڪري ڪونہ. خدا آهي جو خير ڪري؛ باقي آءٌ "پيٽي ناہ مون پتار."

وح به آهيان. مان پردو آهيان. مان پردا نشين به
هيان. جيئرو آهيان يا سرڳواس ٿي ويو آهيان. مان
ڪٿي جو ڪٿي، ڪڏهن ۽ ڪنهن وقت به پهچي سگهان ٿو.

ننڊ ۾ سمهيو پيو آهيان. فوٽ بال راند پيو ڪريان.
ال کي ٺُڏو ٿي هنيم. اک کلي پيئي. ڇا سبب؟
سان ته پير واٽ ۾ اٽڪيو پيو آهي. تنهن سبب
ٺڪ پوري نه هجي ڪانه جو بال کي ٺڏيان. هو ڇِڪ
رابر آني ۽ جاڳي پيس. مطلب ته منهنجو سڄو باقاعدي
ن مشغولين ۾ وڃڻ ني پيئي ٿي جِهو. ڪٿ لي سمهيو
پيو آهي. ساهه به کڻي پيو. جو لکيو هوندو تنهن
ڏنو. پر راند به پيو ڪري. جو نظارو اهو ڪو ڪونه
پيو ڏسي. پر پاڻ پنهنجي روپ کيمل ڪيليو پئي.

ڀاءُ سان سمهيو پيو آهيان. ڀاءُ ننڊ مان اٿسي ڪڙو
ٿيو. ڏونڌاڙي مون کي پڻ آثار ٿا ٿين. جي ٿو مونکي
چماٽ هڻي ڪڍي. ڇا سبب؟ گهر جا ٻيا ڀاتي به
أٿي وڃي رهيا. شرمانجي ڇمر له ننڊ ۾ ٿول ذري
ڪاڻ لسوسان جهڳڙو ضرور ڪيم وڃڻي ! پاڻهه مٿي
ڪري چماٽ به هڻين ماڻهو. پر مون کي ڪهڙو سماءُ
له برابر هي ۽ سُتل پاڻهه ڪڍي وڃي ! سچ پچ چماٽ
لڳي وئي.

ته ڇا سپنو به سار جهڙو آهي؟ جي ها. پيو ڪو
به جواب ٿي نٿو سگهي. جهڙو پيا، له هيءَ سپنار

کري نه ٿيو هو. ماءُ جي دل اُداس. هڪ اَمر جنهن لاءِ مان سڄاڳ، ٿي؛ هيءَ ڪٽولو صاف ٿي ڪيائين، ته وهاڻي هيٺان چار ڪارڪون ڏٺائين. ڇا مطلب! لاڳيتا چار پٽ ڄاوس.

هڪ برهمچاري اَچي مهمان ٿيو. اُسهڻ لي سائين ڪين اِسٽيشن تي اپڙائڻ لاءِ ويا. مهمان کي اعجب هن ڳالهه تي ميزبان ڪانئن ڪو خاص برهچنه ڪونه پڇيو هو. برهمچاريءَ کي پنهنجو شوق ٻيو هو. شوق پڳوان جو رُوپ ڌارڻ ڪري پنهنجو برهچنه، روحاني راز، ٻاڻ ڏنو، ته ڏهن سائين ٽيرٿداس جن مالا پارٻتيءَ جو روپ اختيار ڪيو. ڪرامت جي برخلاف هوندا هئا. پر وقت کي سلام ڪري برهمچاريءَ جي هٿ پڇڻ جي من مراد، اهو علم ڏيکاريائون.

بيهي بصريءَ جي ڳالهه ڪندا آهن. اَيائي قلندرن جي قطار ۾ اُن قلندر شمار هئي. وٽس هڪ درويش مهمان ٿي آيو. تنهنکي پنهنجيءَ شڪتيءَ تي ناز هو. رت ڏنائين ته پاڻيءَ تي بيهي ڪري هلي گيان گوشت ڪريون. تڏهن بيبي صاحبا، جنهن ڳالهه جو اَصل مطلب پرکي ورتو هو، چيائونس ته هوا ۾ هلي ٻهڙ ستو ٿيندو، جو اُت لوڪ نظر کان پري هونداسين. درويش شرم ۾ ٻڏي ويو؛ پيرن تي ڪري پيس.

سرهو آهي. روح به آهي. مان سرهو آهيان. مان

بار نہ چمندا هئا. پر تڪاءُ ڪونہ ڪمائيندا هئا.
ڏهن مايوس دل ماءُ هڪ رات سمهي پيئي هئي، نہ
ندس سرڳواسي ٻوُج پتا ساڪيات روپ ڌاري اچي
سيس جو هٿ گهمائيندس نہ پٽر سنتان ٿيندو جنهن جو
الو ناراڻ هوندو. ٻڌو لڪي وٺو چنيءَ جو نالو
ي ناراڻ اٿم.

تپائيءَ لي روح گهرائيا آهن. اها نہ عام آشڪار ڳالهہ
هي. ڪا خاص تپائي ڪاله گهرجي، تڪا اگرهتي،
ڪو اشنان، تڪو ڪرجاپ اپاپ. هٿ رکيا ۽ روح
يا. ڪڏهن نہ اها تپائي پاڻ کان پاٺهين
چڙ لڳندي هئي. اهو آزمودو آهي. ٻيو پيمسل ڪٺي
هيو هو تہ هٿ آزخود هلي ڪري آيل روح جو نالو
ڪيدو هو سندس گهر ٻہ ڪا هوندي هئي تہ اها ٻہ
ڪجي وٺندي هئي. روني گهرائين. ڦاڪو پڇائي
ڪٺو ٻيو. واس ڦني وارو هليو. ڪُڪہ هيئنيان لکڪ ٻيو
هي. سو قؤل سياڻن جو آهي

اي اَنت لهڻجي ماڻا! مان ۽ تون نہ رواجي انسان
هيون. هر جي ڪامل شخص آهن، سي نہ جيئري
سماڌي لڳائي ڪٽي جو ٻڌڻ سگهندا. سرلو
هتي، روح هٿي. سرلومان سرلو! هٿ ساڪار. ڏٺ سو ڪيم.
ڪڏهن ٻنهي هند ساڪار. جهڙو موقعو، تهڙي ڪلا.
ڳيتي شڪتي آهي.

دوست! مهنجو هڪ عرض آهي. تهين وڪ، نہ

ظاهر ظهور، ۽ هوءَ ڏسن سگهندا. ليڪن، پردي پٺيان. دانهه ڇڏيندين، نه هوءَ ظاهر ۽ هيءَ ليڪن. پر اچي وڃي سگهونتا. ڏسڻ ۾ اچڻا نه، سلامت نرالي. پر حقيقت آهي ته، روح آهن. روح روپ ڌارڻ ڪن ٿا. روح سوکيم روپ اوستا ۾ رهن ٿا. هڪ نيترن سان ڏسندا آهيون. ٻين جو ڇهاءُ محسوس ڪندا آهيون.

پر پيارا وانلي، گروءَ جي ڪوٺيءَ جي ڪڙڪي کولي ته هيٺ محلي ۾ دروازي جي چانئٺ لڳي براجمان سفيد پوش درويش جو درشن ٿيو. مائٽن سان ڳالهه ڪئي ته چيائون ته محلي ۾ ٻارهين جي پير جو واسو آهي. ڪڏهن ڪنهن کي درشن ڏيندو آهي. آءٌ وانلي شهر سيوهڻ جو. مشهور ڳالهه آهي ته سيوهڻ ۽ روهڙي سوا سوا لک پيرن فقيرن جون نگريون آهن. سي ڪي سڀ ڏسڻ ۾ ايندا آهن ڪٿي؟ جڳن ڪان اهي درويش سوکيم سريرا استٿيءَ ۾ رهندا اچن ٿا. ڪڏهن ساڪيات ڪڏهن آلوپ پنهنجي وجود جي ڀاڻ ڏياريندا آهن.

منهنجي ماءُ ڳالهه ڪندي هئي ته، سندس پيڙهي ماسيءَ کي روز رات جو سمهڻ وقت کو اچي زور ڏيندو هو. ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو هو. پر ٿورڙن جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو پوءِ پنهنجيءَ ايا ماسي چوندي هئس ”ته بس نارائڻ فقير هاڻي وڃ.“ ۽ آواز بند ۽ ماسي ننڊ ۾ آرام سان سمهي پوندي هئي.

صوفي فقير

" اُو ڪو بيو فهم جنهن سان پسين پرينءَ کي. "
شاهه

سائين ٽيئرداس جن صوفي هئا ڇا؟ سوال آهي ته صوفي ڪير؟ جو ڪو به حق جي ڳولا ۾ آهي سو طالب ٿو سڏجي. لباس جي لحاظ طالب ڪن ڪهاڻي ڪمبل پائي پاڻ ڪاپڙي سڏائي؛ ڪي گيڙو رنگا ڪپڙا پائي جوڳي سڏائي؛ ڪي صرف ڪپڙي مان ٺهيل ويس ليڪي ته صوفي سڏائي، سا هيڪ ڪي ٺيڪ آهي. اهڙن ويس ڌارڻ لاءِ گرو نانڪ صاحب جن جو گفتو آهي:-

" من اندا نانءُ سُڃان. "

تڏهن شاهه صاحب جن من سڄاڻ جي وصف ٻڌائيندي بيت چيو آهي:-

" صوفيءَ ڌوئي صاف ڪيو ورق وجود جو. "
" تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو. "

تڏهن ته جي سائينءَ جا پيارا آهن سي صوفي آهن. جن انسان کي پيار ڪيو آهي؛ انهيءَ پاڻ پيا رهن ٿا، سي سائين جا پيارا لال آهن. انهي رنگ جي رنگا سي صوفي سڏبا. انهن جي جيوَن ڌارا اُجوَل اُمرت ڌارا

توکي ڪو ڏسي ويٺو. تون اُنکي نٿو ڏسين معنيٰ تہ آهي تہ. هوُ ڪونهي هوُ جيڪو توکي ڏسي ويٺو، سو تنهنجي پٺيءَ لڳي ويٺو. توکي مدد بہ ڪري ٿو. توکي سزا بہ ڏئي ٿو. تنهنجي ڪري ڇا؟ پوءِ ٻيا ڀاو ناهي. پوءَ جي مراد ڀرم سان نہ ٻرمن جي سوجهيءَ سان آهي. من صاف رکہ. وهنوار بہ سچو رهہ. تنهنجو وار بہ ونگو نہ ٿيندو. تڏهن، جڏهن تون توکي ڇڏي پرلوڪ ويندين، تہ اهي روح تارسي گُلن جي ورکا ڪندا. تنهنجي چهري تي، چمڪ هوندي.

اهڙا ٻانئي ڪيتا ساميءَ جن ۾ ڪٿي آهي. سندن سلوڪ آهي:

"جهڙو ٻليو ٻارڻ، تهڙي ساڃ سنگت سان.
سو ساميءَ رکي ڪيئن ڪي، ونءِ پاءِ ڪنهن سارڻ
سڀ جو گهري ڪلياڻ، پرتم ڄاڻي پنهنجو."

آهي شاهه جي ۽ سلوڪ ساميءَ جو هڪ صوفيءَ جي بيان ۾، برابر بيٺا آهن. "منجهائي منجهه وڻ هي،" سو ٿيو جو ٻارڻ ٻلي. "ڏٺي ڏهين جو واهڙ،" سو ٿيو "سڀ جو گهري ڪلياڻ."

سائين ايشرداس جن جو ٻيو ڪوري ۾ واڪي ڏسان سماڌ ۾ رهندا هئا، سو منجهائي منجهه وڻ جي فهم حاصل ڪرڻ جي من مراد. پڙهندا هئا ۽ اڀياس ڪندا هئا ۽ انهن ڳالهين جي حاصلات لاءِ جتن ڪندا هئا، جنهن ڪارڻ هو وهنوار ۾ سڀني کي پنهنجو پرتم ڄاڻن. من جي ڪشلتا ۽ نرونرتا جي ڀاونا سندن اڀياس جا خاص وشيه هئا. چاڪاڻ ته صوفي لاڪوفي جي اهڃاڻ عمل ۾ آهي، حرفن ۾ نه. ۽ عمل ۾ سد ڀاونا سان هڪ نظر سڀ سان ورڻ صوفي لاڪوفي هئڻ جو ثبوت آهي. سد ڀاونا نيت راس ڪرڻ آهي. ۽ نيت راس ڪرڻ وارو مهان پرش ڪرم ڪندو رهندو آهي، هن منتر جاپ ڪندي، ته، "اپني ٿي ڪڻ نياءِ، انڪي او جاني." هيٺيون ٻاوڻ منتر اچارڻ ۽ پرچار ڪندڙ مٿس پيار ڀري دل ۽ دليا جو پيدار آهي. وسارڻ ۽ دم گذر اهي سندس جاپ جا شبد آهن ۽

جيئان صاف سٿري هڪ ٻئي وهندڙ ڌارا آهي. هوءَ ٻٽو
پر به ٿيا پوڄيتر پسن.

سائين ٽيرٿداس جن جو صوفيانو لباس ريشمي رنگين هون ڏنو آهي. سندن رنگين ريشمي بستر به ڏنو اٿم. سندن جُتي به ڏٺي اٿم. پر رسالو ڀلي شاهه جو به ڏٺو اٿم جو پاڻ پڙهندا هئا. مُنڍ ۾ سندن هٿ اکرن نالو لکيل آهي. ساڌارڻ پڙهڻ، ٽي - ايم - گياني. بار. ائٽ. لا. اڳيان پٺيان خالي پنا آهن جن تي ڏهڙو ٽي ڪي لکيل آهي. پڇن مالا به آهي. اُن ۾ به خالي پنن تي ڪهڙو ٽي ڪي لکيو اٿن. پر ڪٿي به اهڙو اشارو نه ڏٺو اٿئن ته ڪو هو پاڻ ڪي صوفي سڏائڻ جو شوق رکندا هئا. سچل سائينءَ جي پڙ جا هئا. انهيءَ سرمست عاشق مولا جي پڙ تي ”نانءُ سچان“ وارن جي پڇا ڪانه هوندي هئي ۽ ڪمائي ڪر. قبول پئي. گياني انهيءَ پڙ جا پوڄاري هئا ۽ اُهو ئي دستور قائم رکيائون.

’ڪمائي‘ صوفيءَ جي صاف ورق وجود جي پڌر ڪري، جنهن لاءِ شاهه صاحب هي بيت چيو آهي:-

”صوفي لاڪوفي، ڪو نه ڀانئيس ڪير،
منجهيان ئي منجهه، وڙهي، پڌر ناهس پير،
جنين سانئس وير، ٿئي تنين جو واهرو.“

هيءَ هڪ ٻئي وهندڙ جيون ڌارا جو اظهار آهي، جنهن دشمن دوست جي وچ ڪو وڇائندڙ ڪونهي.

لڏ پلاڻ

رزان پري پيار جي، هليو آ سؤداگر ڪرڻ سؤدو.
ونگ ڏسي، دڪانن دل سؤداگر ڏنو هو ڪو،
لٽ ڪرڻ سؤدو.

ڏلهدري نارائڻ

پرشمت واهو مدبل هو. تعصب لر. سند، سونهاري
د، پياري جنم ڀومي ڇڏڻي آهي. سائين ليرتداس،
، پرهل دل اهڙو احوال هڪ دوست کي لکيو هو.
لادي هئا. پرجي ڇڙا چانڊ صوفي لکَ هئا، ۽ جن جي
دي هندن کان وڌ مسلمان ۾ هئي، تن لاءِ پڻ پيو
و چارو ڪونه هو. ڇڏڻي آهي. هند هلڻو آهي. پرسو
ڪنهن ومت! ڪنهن هند! وڏ اولادي. اَت پار.
سوا اُلٽي پئي لڳي. تعصب ۽ آپسوارٿ وڇاڻ،
سجا پراوا ٿي پيا. جيڪي صدق وارا هند ۾ رهندا
، سي پاسو ڪري ويا ۽ جي سند ۾ هئا، تن مان
ن نه موڪلايو به ڪونه. واه ڙي! دنيا واه! سيڪر
سجي مُنهن مُنهن موڙي پئي هليو. جيڏي سندن محنتا
ي، اوڏو ئي صدمو رسين.

وهنوار ۾ سنڌ س اوچ سياو جا شاهد.

اهڙي هردلعزيز اعليٰ سياو وارا سائين ٽيرٿداس جن هئا. انسان جي ڪمزورين جو کين احساس هوندو هو. تنهڪري ڪنهن سان ولر نه ڪندا هئا. نڪو وري ڪا دليل بازي ڪندا هئا. ٻر دل جي اُدارتا جي اوٽ، هر ڪنهن کي هر وقت پنهنجي وت آهر مدد ڪندا رهندا هئا. ورهاڱي وقت ۽ اُن مصيبت جي دؤران ٻارڙا هن قهر پکي رهڻ جو اُنوکو مثال پيش ڪيو. ياد هون "نانڪ نيت صاف ته درگهه پون قبوُل."

گياني سنت سجان جي رهڻي جيڪڏهن ڪنهن سکيا جو ٻاڻ آهي ته اهو صرف انهيءَ مدنظر نه هو دل جا صاف هئا، ۽ نه ڪ ڪرامت جا صاحب هئا. آلمڪ اُڌار لاءِ ڪرامت جي ڪلا ڪوئي ساڌن نه آهي. نيت صاف هڪ ڏک هڪ جتن ۽ ساڌن آهي. ۽ نيت صاف صوفي سڌيو آهي. تنهن حساب سائين ٽيرٿداس جن صوفي هئا.

هڪ دوست کي چٺي لکي هئائون ته، ”انسان
ي کي مجبور ٿيون آهن، ۽ هو حالتن جي زور بار
چي انسانيت جو ليکو لتاڙي وڃي ٿو.“ مطلب، ته
نسان سڀاو کان خراب نه آهي. ڪمزور آهي پنهنجي
رادي جو ايترو سبب حالتن تي قابو نٿو پائي سگهي.
هو واهر ناهي. پر ڪانئر نه چئبو. واهر سبب نه ٿيندا
هن. ڪروڙن ۾ ڪو ڪو. نه پوءِ ڏٺان ڏوهه ڪنهن
ي. انهن من کي لساڻي ڏٺي دل جا ڳوڙها دل ۾ پيئڻ
ڳيا، ۽ ڪنهن سان به نه ڦٽائيائون. منجهس ٿي منجهه
پاڻسان وڙهندا هئا. ۽ سڀني کي پنهنجو پرتم ڄاڻندا هئا.

سنڌ ڇڏي اچي هند آڏائون نه بنارس ۾ رهواس
ڪيائون. واهه جو پاڻ آستان ڳولهي لڌائون! جتي
سنڌ ۾ ڏٺن هت هر ورهيه وار شام جو چولڪي
ڪندا هئا. سندن سائين سائن ڪهڙا نه پيرپرا پر پنهنجي
طرفان انهن کي لکي موڪليائون ته چونڪي ٿي
سگهي ته لڳائيندا رهو. هڪ کي ته صاف اکرن ۾ لکيائون
ته گرهست جيون جي سونهن انهيءَ ۾ آهي ته هر روز
گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ ڏئيءَ جو ڏيان ڏار جي
جتن من جي ورلي صحيح ڪانئي هلي. نه ته پسونءَ ۽
پراڻيءَ ۾ ڪهڙو فرق!

پاڻ گرهستي هئا. ته گرهست آشرم جي نيمن جي
به پورولي ڪندا هئا. سڀ ڳالهه ڏي ڌيان ڏيندا هئا.

ڪري واضح ڪندا :-

"ادا رهڻ منجهه دنيا چاهين،
تان تون جڳ جي رهه پوري.
"هيءَ دنيا آئيءَ رهڻ ساري،
لهسان گهر جي سانت صبوري."

"جڳ جي رهه پوري." سو نه ٿيو لڳڙ سان چڪر واري ڪار ڪرڻ. چترائي سان ورتاءُ ڪرڻ جي هدايت آهي. اهڙو پاڻ ته سائين ڪان پڙهيو ڪونه هو. ها باقي "گهر جي سانت صبوري" پاڻ ته من وڻان هون وڻيري پاڻ جو واڪ آهي. سندن زندگي الهيءَ سڏ جو پڙاڏو هئي. پر سڏ به نه هئي. صبر ۾ رهڻ آهي پاسو ڪري زندگيءَ جا ڏکيا سکيا چار ڏينهن گهارڻ. پرهن رمز هڪ مراد انڪيل آهي جا فقيرن کي سويا نه ڏيندي آهي. "اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي" برابر سانت صبوريءَ جو پاڻ آهي. پر هيءُ پاڻ ضرور اُڀري ٿو ته هي ته اڳلو ڪنهن جو ڪيتو لوڙيندو. خيال ۾ نه فرق اچي وڃو. هيءُ سڀ پاڻ هنا جو سر ناهي. سائين گيانيءَ جو سر الاهيو سو هو:-

پيار مان اهڙو ڪريان، جيڏي منجهه مندر موهن دل آ.
خوشبو مان ڏيندو رهان، جنهن دم اندر موهن دل آ.

قلندري نارائڻ

هڪ دوست کين واچ سوکڙي ڪري ڏني هئي. ـندن ٻچن جتن سان خراب ڪري ڇڏي. ٻه ٽي ڀيرا موڪلي درست ڪرايائون. درست ٿي اچڻ تي صندوق ۾ بند ڪري رکيائون. موه نه هو. پر ٻڪ سان ڏنل سوکڙي سڪ سان سنڀالي رکي هئي. دوستيءَ جو قدر هوندو هون.

شادي جسماني ڇڪ جي پورائيءَ جو ساڌن آهي، تنهنڪري ضروري آهي. پر تنهنجا نيم آهن ۽ پنهنجن دوستن کي اِن بابت ۾ هدايت ڪندا هئا. شادي شده جوڙي کي اُپديش ڪندا هئا ته پر ڏن ۽ پر تر جي وچار پاپ آهي. سائينءَ سونهن خلقي آهي سا ساراهڻ سائينءَ جي بندگي آهي. پر ڪي ورلي اهڙا لوڀندا جي سونهن خاطر ٿي دل شاد ڪري دوست جي ديدار جو آنند ڪندا. تنهنڪري پاڻ پاڻ هلڻ سياڻپ جو ڪم آهي. اِنسان جي ڪرڻ جي ڪا مُند ڪانهي.

هڪ دوست کين اَحوال ڏنو هو ته هن جي زال وڌيڪ ٻار ڄڻڻ جو چاه نٿي رکي. موٽ ۾ سائين سمجهائي ڏنس ته هت سوال ڄڻڻ ۽ نه ڄڻڻ جو ڪونهي؛ سوال سنجوڳ ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جو آهي. اِها ٻما روڪي سگهو ته واه واه. باقي جڙي ٻوٽيون وسيلا استعمال ڪرڻ روا نه آهي.

سائين ٽيڙداس جي رهڻي تن گرهستي ۽ من بيراڳيءَ

شاديءَ جو معاملو هو. ڇوڪر جي پسنديءَ کين خاندان جي مرٻادا. برابر شادي ٻن دلين جو ميل آهي. پر تنهنجو مطلب اهو نه آهي ته واسطيدار ڌر رڳو ڇوڪرو ۽ ڇوڪري آهي. جاوَني آهي، سانڍهن به ته آهي، ٻڍڙوسن به آهي تنهنڪري گهروارن جي پسنديءَ به اهميت رکي ٿي. هر خاندان سماج ۾ پنهنجو درجو رکندو. هيءُ ٻيو اوچ پاونا جو اڳرو سوال نه آهي. پر حقيقت کي تسليم ڪرڻو آهي جا سياڻپ آهي. جڏهن سندن وس کان ڳالهه نڪري ويئي تڏهن دوستن کان ڇنڊ ڇاڻ ڪرايائون. مطلب، ته ڇاڪاڻ ته بيراڳي من هون تنهنڪري انهن ڳالهين ڏي ڌيان ڏيڻ سندن ڪم نه هو؛ اهڙي سندن مرضي نه هئي. اهڙي روش هر پنهنجي فرض کان منهن موڙڻ جي برابر سمجهندا هئا.

سندن ننڍي ۾ ننڍو ڀاءُ، مولچند، بمبئي ۾ پڙهندا هئا. هيءَ وڏا ڳي ڪان اڳ جي ڳالهه آهي. سار سنڀال لهڻ لاءِ، سن ١٩٣٧ع ۾ پاڻ بمبئي ويا هئا. ڪيس وٺي وطن ويا. ان کي مشغوليءَ ۾ لڳائڻ جي مدنظر نارو شاه ۾ بجلي گهر کولي ڏنائون. دادا مولچند پاڪستان ۾ ٿي رهيا. هن سال واپس آيا آهن ۽ لاڳاپا سڀ لاهي، ۽ هاڻ بمبئي ۾ رهندا آهن. پنهنجي ڏور ويٺ ڀاءُ دادا ڙرپتداس، جو بيمار رهندو هو، تنهن کي پاڪستان وٺي آيا ۽ گڏ بنارس ۾ رهندا هئا. حاصل مطلب، ته ”فرض پالڻ ڌرم آهي“ منتر جو گهرو اڀياس ڪيل هون.

موڪلائي

ج وڃي ٿي هليا شبدي ساک ٿي ڏيڻ لولاءِ شاهدي.
ن نه ٿو ڦرو آهي واعدو جي ڏسو جاچي پنهنجي مُرادي.
نارائڻ قلندري

پنج وڃي جي دَرگاهه سائينءَ وڏي جيءَ ۾ پراڻيءَ
جا شبدي ٿي هان، نه ساقي چا رهجي، وڃو انهيءَ
شاهدي ٿيءَ نه انسان جو ڪيل واعدو الله تعاليٰ سان نه مان
ندو، تون بندي نواز مولا منهنجو، جي پيروي باعزت
ٽڪي وڃي آهي. سامهي سنت جن جو سلوڪ آهي
" مالڪ، دنيا، الله ليکي نه لائين!" خداوند تعاليٰ
بندي کي راسي ڏني آهي نه چوڪو وٺج ڪري واپس
و رجانءِ. واپس وڃي بندي موڙي ساري سائين جي
ايمان رکي، نه حساب لئي مُرادي راسيءَ ڪان وڌ ٻڌڪ
نڪتي. جيون سڦل ٿيو.

سائين ليرٽداس انهيءَ رمز چوٿين جولاءِ سنه اُٺو ٻه،
ڙ نيونجاهه تي سفر پورو ڪيو. ان وقت بنارس مان
لڏي اچي مدراس ۾ رهڻ لڳا هئا. سنت ڪيشلداس
سندن پر لامي هئا. جن سان هن جي پهرين ملاقات سچل

جو اُن جو مثال آهي. طالب کي پنهنجي خيالن تي اهڙو
ضابطو هڻڻ گهرجي جو هڪ ورلي ٻيءَ ورليءَ تي
حاوي نه پئجي وڃي. سامهيءَ پُڙ ٻئي هڪ ٻئي جي
سڌ ۾ هڻڻ گهرجن. خود ٻارڻ گرهست ۾ ورلندي، چمڪ
بالٽيب نام سان جوڙي رکيائون. گهر ڇڏي وڻڪار
ڪرڻ ويا هئا. اُتانئون سائينءَ جي ٻڌڻ درگاهه دراز جي
وڻڪار ڇڏي گهر ڦريا هئا جت پنهنجي پنهنجي رنگ
۾ رنگ وڻڪار جهڙو ئي واهو مدبل پسکيڙي ويا.
نڪاڻو ڪرڻ ڪيلو هئائون. سندن گفتگو تي گيان
ڪٿا هوندي هئي. دولابين دولاب ڪيو يا پرلهين
لاب حاصل ڪيو پنهنجي چنتا کين ڪير ڪا هوندي
هئي. ڇو جو هنن مشهوري ڪانه ٿي چاهي. پنهنجي
من جي موج روحاني مشغوليءَ ۾ مگن رهندا هئا. ؟
اهو ئي ڪارڻ هو جو پراڻ ليا ڳڻ وقت ڪنهن کي ڪا
خاص هدايت ڪري ڪونه ويا.

هڻي پتا جي وڇوڙي ۽ وڏوا ماما جي ڏهاڳ، حالت
سمهان اولاد زارون زار روئڻ لڳو.

هن وقت سندن ٽي ڌيئر، جمنا، چندران ۽ لاج
حيات آهن. ڇئن پٽن مان مرلي پٽ هشو جو ڪلڪتي
۾ رهندو هو گذاري ويو آهي. ڇگو وارو وڃائي ويو.
دوستيءَ جو سچو ۽ عام ۾ پيارو هو. سندس نوجوان
سندل ڪلڪتي واري سندس پهاري ياد تازي رکڻ
لاءِ سنه ۱۹۷۲ع ۾ عاليشان جلد "روز نامچ" جي
صورت ڇپائي پڌرو ڪيو. اُهن سال سيپٽمبر ۲۳ سنه
۱۹۷۱ع ۾ گذاري ويو هو. جيوت، هيرو ۽ ڦتو حيات
آهن. هيرو لنڊن ۾ رهندو آهي. ڦتو ڪلڪتي ۾ ۽
۽ جيوت سيان بمبئي ۾. سندن وڏوا ماءُ پڻ گذاري
وئي آهي. اُنهي جي اولاد، نوَ ٻار، پنج پٽون ۽ چار
ڌيئرن مان هڪ پٽ گوپي ۽ ٻه ڌيئر گلاب ۽ مولچند
حيات آهن. سندن ڀاءُ دادا نوپنداس نه سندن حياتيءَ ۾
ئي راهه رباني وٺي ويو هو. گلابراءِ ۽ مولچند بمبئيءَ ۾
رهندا آهن.

ساڌو لن سپتر جيوت لـ گهر ۾ مندر ٺاهي ويٺو
آهي، ۽ سرڳواسي پتا جي يادگار ۾ مڪان کي سڏيندو
ني "تيرٿ آستان" آهي. صدق جو اظهار آهي. چوٿين
جولاءِ ورسيءَ جي تاريخ آهي- موقعو وٺي هيءُ
پستڪ جو ڪهاڻي جي گيان ڪٿا آهي، ڇپائي پڌرو

سائينءَ جي پڙلي ٿي هئي. پوءِ ڪيئل سائين ٻه اچي حيدرآباد رهيا هئا ۽ سائين گيانيءَ جي چڱو ويجهو ٿي ويا هئا. هن درويش سائين جي پرلوڪ پڌارڻ جڻ لي هيءَ ڪولا ٺاهي هئي.

"مهدو هو جولاهه جو چوٽين ٺيو نجاه.
جوت ملي ٿي جوت سان، مرليءَ لوڪ مجهان.
آواز ٿيو آڪاش مان، عاشق ڪين مرن.
جيئڻ مرڻ وس پنهنجي، پرياڻو ڪين پڇن:
ڳجهه سندي هيءَ ڳالهڙي، هو عاشق ڪونہ سڻن.
ڪيئل خاص ملن، منڙن پڻ محبوب سان."

اٿين ٻراٻر آهي ته سنت گيان ڪٿا ڪتيندي ٻُر ٻُوڙ ڏيندا آهن تہ اُن ٻراڻي پنيان چو روئجي "جو اُپڄي ڪهر جاه." ٻر اهو ٿيو جهل مٿي چانيل بوف ڪان پڇڻ "ته ڙي! سج جي گرميءَ ڪارڻ ٿون چو ڳري پاڻي ٿي ندي نهر جو روپ وٺي ٿي وهين؟" ٻهار ۾ گرمي آهي. "باه بره" جي چوندا آهيون. ته ذهن بر اتم جي وچوڙي دل رندي آهي. ۽ لڙڪن ٻرون اکيون انجي شاهدي ڏيندڙون آهن. سنت ٻہ رندا آهن.

سائين ٽيرٿداس جي پرلوڪ پڌارڻ تي چيا اُرڏانگي، اسري نہ رندي! وچوڙي جي ڏنگ مارئل اُستريءَ کان اَلاوا سمدن اَڻن ٻارن مان ست حياتُ هئا، هڪ ڏيءَ ساوتري ڪانٿن اڳ سرڳواس ٿي وئي

سائين منگهارام تي روحاني رنگ چڙهڻ لڳو. سائين ليرنداس جن جي پاءُ سائين نوبتداس جي معرفت عرض پيش ڪرايائون ته ڪين سائين پنهنجو ڪن. تڏهن سائين جن ١٤ فيبروري ١٩٤٣ع تي سائين منگهارام کي پنهنجي راضپي جو سماچار موڪليو. تنهن ڪانپوءِ گهرائپ وڌندي وئي. ورهاڱي بعد سائين منگهارام دستور موجب هر ورهسپتي وار پنهنجي رهواس بمبئي ۾ چونڪي لڳائيندا هئا جت پرامي پاڻ وٽي لاڀ پرائيندا هئا. سائين جي پرلوڪ پڌارڻ تي سندن مورتي استاپت ڪئي وئي. هر سال ١٨ سيپٽمبر جنم ڏڻ ملهايو ويندو آهي ۽ چونڪي پڻ لڳندي آهي.

دادا نوبتداس جن جو ديهانت ٿي ويو هو. ورهاڱي بعد سُنت ٿي سنه ١٩٤٨ع ۾ ٥٧ سالن جي عمر ۾ بنارس ۾ پنهنجي مرادي پاءُ سائين ليرنداس وٽ چولو ڇڏيائون. گهڻي وقت کان بيمار هئا. سندن ۾ ٿي سرير لاڳاپل ٿي ويو هون ۽ پنهنجي پونـدا ٿي ويا. سندن لکيتن مان انهن اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنه ١٩٤٣ع ۾ جڏهن سائين منگهارام جي سفارش ڪئي هئائون تڏهن سرير جهڪڙ لڳو هون.

زندگيءَ جي پوئين عرصي ۾ بيماريءَ بلڪل لاچار ڪري ڇڏيو هون. لوبه جي لاس وڪوڙي ويئي هئن. اهائي ڏن هوندي ته:

ڪجهي ٿو.

پرمتوان جو نہ ڏاٺو ڪونهي. تن مان ٿن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. ڪيٽل پگٽ جڏهن جو ڏيهاڙو سنه ١٩٥٧ع ۾ الهاس نگر، بمبئي ۾ ٿيو. واھ جا سائين جي استتيءَ ۾ گيت لکي ڇڏيا آهن. ٻيو رام جيٺداڻي سيوهڻ وارو. ڳوٺان لڏي اچي حيدرآباد شهر وسايو هئائون. سنڌ ۾ سائين سان جيٽڪ گرو ۽ شش جو جوڙ ميل هو. پنهنجا گهرو معاملا بہ انهن کان سلجهائيندا هئا. مون پنهنجي دوست ڊاڪٽر هرو سدارنگاڻيءَ کي چٺي لکي هئي تہ سائين بابت ڪجهہ احوال ڏئي سگهي تہ ڀلو. تنهن دوست پرڻ رام جو ٿي حوالو ڏنو. هن وقت ملند، بمبئيءَ ۾ رهندا آهن. سائين جي سپتر جيوت سائٹن ملاقات ڪرائي هئي. ونان سائين جي گيان ورلي ۽ روحاني انيو جي حوالي ۾ مليل احوال هن پستڪ لکڻ ۾ ڪافي لاڀدائڪ ثابت ٿيو آهي.

ٽيون روپ نہ نرالو آهي. سائين منگهارام ميرچنداڻي سائين ليرتداس جي ٻولر يادگيريءَ جو جهنڊو بلند رکندا ٿا اچن.

سائين جن جو ڀاءُ، شري مولچند بمبئي ۾ رهندا هئا. سائين منگهارام جي دوستيءَ ۾ هئا جي ماڻڻ اُلي رهندا هئا. سائين گيانيءَ جي پهرين ملاقات سائين منگهارام سان اُلي سنه ١٩٣٦ع ۾ ٿي هئي. آهستي آهستي

وڏوا سائين ڄرٺداس





سپتري ساوتري



سپتر ڪشو

”هي ننڍي لنگهه ٻروڙ، پٺا سرو، سنڌ ۾ پوئين را ڪرڻ
تو سڄو ارپڻ ٿو ۾.“

”هيءَ سرير هاڻي ڏاڍو ڪمزور نستو ۽ بيڪار بڻجي رهيو آهي. ڪنهن به ڪم ڪرڻ لائق نه آهي. ۽ دکن ڀري رهيو آهي. وڌيڪ اُگهاڙو نه ڪريوس.

جنم ڏن ملهائڻ جي سلسلي ۾ ١٨ سيپٽمبر ١٩٥٨ع وارو موقعو اُهاڻڪ ۽ گردشي ثابت ٿيو. سائين ليرنداس جو پرچار ۽ ناماچار پارسي جاليءَ ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ هو. سندن پرڀاوي شرڻان جهانگير موٽا پاڻي شاعر جي، الهيءَ تاريخ طبع ڪيو هو ۽ هڪ پستڪ انگريزيءَ ۾ ڇپرائي ظاهر ڪيو. سنه ١٩٦٠ع ۾ پستڪ شاندار صورت وٺي پڌرو ٿيو.

ڇا ته پستڪ جو انوکو ڪيل سرو آهي! ”دي رائيٽي آف رليجيس“، يعني سرو ڌرمن جو لطيفات ڪيل سار. جنهن پرڻ جا سائين گيانسي عاشق هئا تنهن درگاه دراز جي فقيرن جو يادگار آهي. سچل سرمست، نانڪ يوسف، سائين سخي قبول محمد، سائين ليرنداس ۽ سائين منگهارام جن جا حال ۽ احوال هن گيان ڀريو پستڪ ۾ درج آهن.


ڇا ته صدق جو ثبوت آهي! سرورق درگاه شريف جي بلند دروازي سان سينگاريل آهي. ليڪ شاعر جي پنهنجي خانداني پارسي لباس ۾ درگاه شريف



خام خو رمی ه نشو نشو اک چړهیو خمار
سک سلو سجټن قتو، بوه چړهیو بخار. قلندري - (صفحه ۴۹)

دادا ٽوپڻداس - ٽوڀھ جي بستري تي





نمسڪارم - سائين منگهارام

طرف هٿ جو اشارو ڪيو بيٺا آهن، جڻڪ سڏي رهيا
آهن ته اچي زيارت ڪريو ۽ لاڀ پرايو. پيو لڏيند! جلد
پڪو ۽ اندر ۾ موهيندڙ تصويرون ڏسيو آنند اچيو
وڃي. شاير جي درويش آهي. ڪن ڌارمڪ سنستائن
جو شيواڌاري آهي. جوگيشوري، 'سن بجھ'، سوامي
رويڪانند مارگ، بمبئي ۾ رهندا آهن. نماڻي شڪل
ملي زبان جا صاحب آهن. پرد اوستا آئن. ڌرمي
ڳالهين ۾ قدم پختو ۽ تڪڙو آئن.

سائين مکڻرام سائين گيانيءَ جي ياد ۾ "گياني باغ،
گرو گهر" پنج گڻي ضلع ستارا، پونــي پرسان اڏايو
آهي؛ ۽ صدق وارن ڪري نام دان ڏئي سائين گياني
جن جو ناماچار وڌائيندا ٿا رهن. تصوير جا استاپنا
ڪيل آهي تنهنجو ته ڇا ذڪر ڪجي! سائين گيانيءَ
جي اڳيان صندليءَ تي سجايل ۽ جُتيون رکيل آهن.
ڏسو هڪ، جتيون ۽! هڪ سندن، هڪ مرشد سائين
سڌي جن جي. ڳالهه ڇا! سائين سڌي هڪ دفعي جڏهن
آئي پنهنجي جتي ئي پائي ته جتي هٿ نه آهن. وسميءَ
۾ پئجي ويا. هڪ نئين جتي، سندن پير جي ڪاڇي
رکي هئي. ڪلي ڏاڍون. جي اها ڪڍي ويو هوندو
چور، بترسٽر!



جُنتيءَ چور بٹر لسٹر - (صفحو ۱۱۳)

غلطنامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۴	۵	اَ ب	اَدب
۴	۱۸	المؤت	اَلموت
۸	۳	اَسرو	آسرو
۸	۴	ڏيندو	ڏسندو
۹	۱۴	ھڪم	حاڪم
۱۴	۸	ٽاري	ٽازي
۱۷	۳	سد	سو
۱۸	۱۶	سلسو	سلسلو
۱۹	۸	صالب	طالب
۲۵	۲۰	شيو	شيوا
۲۵	۲۲	نانڪ	نانڪ ديو
۲۸	۱۲	رڪ	رڪنا
۲۸	۱۵	گھ	گھتنا
۳۱	۸	سنتنام	ستنام
۳۲	۷	ھرسالو	وسالو
۳۵	۱۱	چوري	چوراسي
۳۵	۱۳	يادگري	يادگيري
۳۶	۱	پدرو	پيِر
۳۷	۱۰	چي	ڇي
۳۸	۱۱	ڪرٽاري	ڪرتار
۴۰	۷	فقير	فقير نه
۴۲	۵	ڪونسٽ	ڪوُنسٽ
۴۲	۶	پھڇانو	پڇو
۴۳	۳	سرسمانو	پيد نه مانو
۴۴	۱۷	سمانو	سامانو
۴۶	۷	گيئه	رھت گيئه
۴۶	۱۱	دالرو	دائرو
۴۷	۱۱	گھي	گھِ ابھ
۴۷	۱۲	من	من ڏيئه
۴۸	۶	ڏيان نھ	ڏيانھ
۵۶	۱۶	الا	مالا
۵۸	۲۰	ذيج	ڏيج
۶۲	۲۲	صنات	صفات
۶۵	۱۸	صناتي	صفاتي
۹۰	۱۳	ايمان	بي ايمان
۹۴	۳	سلامت	سامت
۹۸	۱	آھي	لس ليٽ
۹۸	۲۱	ھڪ آھي	سانت صبوري ءِ
۱۰۵	۲	جشن	حشو
۱۰۷	۲،۵	واعدو	وعدو
۱۰۹	۱۲	ودوا ماءُ	ودوا
۱۱۱	۱۶	لکيتن	لِکيتن
۱۱۱	۲۲	هوندي	هوندي هئن

۱۱۱ ۳)
۱۱۱ ۱۴ نوساري ۾ جهڙو چڙيا ئن

شناس

ليکڪ شري نارائڻ ڇيتانند ميراڻيءَ جو وچيل پستڪ "آتم درشن - گياني سائين ليرنداس"، مون کان آخر تائين پڙهيو آهي. ان ۾ ليکڪ گهڻي شرڌا وچان جو سرڳواسي درويش ليرنداس مکڻ مل گيانچندائيءَ جي جيون جو نقش چٽيو آهي سو سندس دلي جذبات جو مظهر آهي.

صوفي مت ۽ ويدانت مت هيٺين ڳالهه ساڳي ٿا ٻڌائين اهو به مثالن سان سڌ ڪيو اٿس. سچو عشق هجي، عاشق معشوق سان ملڻ لاءِ دل ۾ تڙپ ڌاري، انتري قدر جو عاشق، عشق ۽ معشوق ٽيئي هڪ روپ ٿي وڃن، اهڙا حوالا ڏيئي، گرو نانڪ صاحب، سوامي ٻوڌراج، شاه عبداللطيف بُلي شاه ۽ ٻين معرفت جي منزل تي پهتل هستين جا ڪلام مثال طور ڏيئي سڌ ڪيو اٿس ته جو "برهمنڊي، سو پنڊي"، جنهن کي ڳولهي ٿو سو اندر موجود آهي؛ روم روم ۾ رميو پيو آهي.

پنهنجا وچار هر هڪ منزل تي پهچڻ تي سلسلو اهڙو وڻندڙ نڀايو اٿس جو پڙهڻ ۾ مزو پيو اچي. ٻاهران ورلي ڪي اندر ۾ وڃي پرويش ڪري. "جن لڳي ڄاڻن اهي، ٻيا ته ڪٿهن آڇار آ" 'سهڻيءَ سسئيءَ ۽ مومل جا لاڳاپا عاشقن جي قطار ۾ پوري ڍول آڻي، مضمون اڃان به وڌيڪ دلچسپ ڪيو اٿس.

ٻولي سليس، سلوڻي ۽ سپڪ ڪم ۾ آندل آهي. مضمون کي به سلسلي وار ڀاڱن ۾ آڻي سٺي ڍنگ سان نڀايو ويو آهي. اهي سڀ ليکڪ جي لياقت جو پورو ثبوت ٿا ڏين.

ڏوچومل جيوترام (رٽايرڊ ٽيچر)، اجمير